هن آيت ۾ الله ۽ ان جي رسولؐ جي فيصلي جي ڳالهه ڪئي وئي آهي ته مومن کان اهو اختيار کسيو ويو آهي ته اهو الله ۽ ان جي رسولؐ جي حڪم جي نافرماني نه ڪري بلڪه وضاحت سان اهو بيان ڪيو ويو آهي ته الله تعالى جي رسولؐ جي حڪم اڳيان جهڪڻ ايمان جو معيار آهي.

پاڻ سڳورنؐ جن نظام قضاء جي لاءِ تفصيلي حڪم ڏنا آهن ۽ انهن نظامن کي پيش نظر رکندي نظام عدل جون ڪيتريون ئي پريشانيون دور ٿي سگهن ٿيون پاڻ سڳورنؐ عهده طلب ڪرڻ کي سخت ناپسند فرمايو ۽ قاضيءَ جي عهدي کي نازڪ ترين قرار ڏنو.

نبي ڪريمؐ جن قاضين جي ٽي قسم بيان فرمايا آهن حق ۽ انصاف کي پلاڻي جو مرڪز قرار ڏنو آهي.

حضرت بريده کان روايت آهي ته:

"رسول اللهؐ جن فرمايو قضاء جو منصب ٽن قسمن جو هوندو آهي جن مان هڪ جنت ۾ ۽ ٻه دوزخ ۾ ويندا آهن جنت ۾ اهو قاضي ويندو جنهن حق کي سڃاتو ۽ حق سان فيصلو ڪيو ۽ جنهن حق کي سڃاتو ۽ فيصلي ۾ ظلم ڪيو اهو دوزخ ۾ ويندو ۽ جنهن ماڻهن جي رچ ۾ پنهنجي جهالت سان فيصلو ڪيو ۽ حق کي نه سڃاتو اهو بي دوزخ ۾ ويندو."(9)

قاضيءَ جي عهدي جي نزاڪت بيان ڪرڻ کان پوءِ پاڻ سڳورن قاضيءَ جي لاءِ عملي رهنمائي جا اصول به بيان فرمايا آهن. حديث جي ڪتابن اهي هدايتون موجود آهن جيڪي معاذ ابن جبل ۽ حضرت علي کي يمن موڪليندي پاڻ سڳورن فرمايون هيون.

حضرت معاذابن جبل کان روايت آهي ته جڏهن رسول الله انهن کي يمن روانو فرمايو ته پڇائون ته جڏهن تو هان وٽ ڪوئي فيصلو ڪٿي اچي ته ڪيئن فيصلو ڪندؤ؟ عرض ڪيم ته ڪتاب الله جي مطابق فيصلو ڪندم اگر ڪتاب الله ۾ اهو نه ملي ته؟ عرض ڪيم ته سنت رسول جي مطابق فرمايا اگر سنت رسول ۾ به اها ڳالهه نه ملي ته پوءِ؟ چيائون پنهنجي راءِ سان اجتهاد ڪندم ان ۾ ڪوتاهي نه ڪندم. معاذ فرمائين ٿا ته اهو ٻڌي ڪري رسول الله جن ان جي سيني تي هٿ هنيو ۽ فرمايائون ته سڀ تعريفون ان خدا جي لاءِ آهن جنهن رسول الله جي رسول کي ان ڪم جي توفيق ڏني جو ان کان الله جو رسول راضي ٿي.(10)

اهي پني آيتون ۽ حديثون ٻڌائين ٿيون ته نبي ڪريمﷺ جن پنهنجو پاڻ يا مسلمانن جا ٻٽايل جج نه هئا پر الله تعالى جا مقرر ڪيل جج هئا. حضرت علي فرمائن ٿا ته رسول اللهﷺ جن مون کي يمن جو عامل ڪري موڪليو مون انهن کي عرض ڪيو اي الله جا رسول! توهان مون کي ايڏي وڏي ذميواري ڏئي رهيا آهيو جڏهن ته آءٌ نوجوان آهيان ۽ حڪومت ڪرڻ جو طريقو به مون کي خبر نه آهي. پاڻ سڳورنﷺ فرمايو ته الله تعالى تنهنجي دل جي رهنمائي ڪندو ۽ تنهنجي زبان کي محڪم رکندو وري فرمايائون ته جڏهن به ماڻهو توهان وٽ ڪوئي معاملو کڻي اچن ته پهرئين جي حق ۾ ايستائين فيصلو نه ڪجائين جيستائين ٻئي جو بيان نه ٻڌين ڇو ته ان جو بيان فيصلي ڪرڻ ۾ تنهنجي مدد ڪندو.

حضرت عليﷺ فرمائين ٿا ته ان کان پوءِ مون کي ڪڏهن به ڪنهن به فيصلي ڪرڻ ۾ مشڪل نه ٿي.

پاڻ سڳورنﷺ جن ان ارشاد مان معلوم ٿو ٿئي ته قاضيءَ جي لاءِ اصل شيءِ ان جو خلوص آهي. اخلاص جي صورت ۾ ان جي فيصلن جي نوعيت مختلف هوندي آهي.

حضرت عبدالله بن عمر کان روايت آهي ته حضورﷺ جن فرمايو ته جڏهن حاڪم فيصلو ڪرڻ ويهي ته اجتهاد ڪري اگر ان جو فيصلو حق بجانب هوندو ته ان کي ٻٽو ثواب ملندو ۽ اگر ڪوشش کان پوءِ به فيصلي ۾ غلطي ٿي هڪ ثواب ملندو.

حضرت ابو بڪر فرمائين ٿا: پاڻ سڳورنﷺ جن فرمايو ته قاضيءَ کي ڪاوڙ جي حالت ۾ فيصلو نه ڪرڻ گهرجي. (11)

حضرت بريده چون ٿا ته نبي ڪريمﷺ جن فرمايو ته قاضين کي پنهنجي پگهار کان وڌيڪ ڪجهه وصول نه ڪرڻ گهرجي ڇو ته ان کان بغير نظام عدل مستحڪم نه رهي سگهندو پگهار کان وڌيڪ اگر هو وٺندو ته اها خيانت هوندي. (12)

نبي ڪريمﷺ جن اڳيان قتل، زنا ۽ چوريءَ جا مقدما پيش ٿيا پاڻ سڳورنﷺ الله جي هدايت جي مطابق فيصلا ڪيا.

چوري/ سرقه

حضرت عائشه فرمائين ٿيون ته قريش هڪ عورت جي باري ۾ فڪر مند هئا جنهن عهد نبوي ۾ فتح مڪي جي موقعي تي چوري ڪئي هئي چوڻ لڳا ته هن جي سفارش نبي ڪريمﷺ جن کي ڪير ڪندو؟ ڪجهه ماڻهن چيو ته حضرت اسامه حضورﷺ جا پيارا آهن اهي

ان کي سڏ ڪريو اها ماءُ جي طرف مائل ٿي پاڻ ﷺ فرمايائون الاهي ان جي رهنمائي فرماءِ بس هوءَ پيءُ جي طرف مائل ٿي ته پيءُ ان کي کڻي ورتو.(20)

حضورﷺ جن وٽ هڪ عورت آئي ۽ چوڻ لڳي ته منهنجو مڙس چاهي ٿو ته منهنجي پٽ کي وٺي وڃي حالانڪه اهو مون کي ابو عتبه جي کوهه تان پاڻي پياريندو آهي. حضورﷺ جن فرمايو پڪا ڪيو مڙس چيو ته منهنجي پٽ جي لاءِ ڪير آهي جيڪو مون سان وڙهي نبي ڪريمﷺ جن فرمايو هي تنهنجو پيءُ ۽ ماءُ آهن جنهن جو چاهين هٿ پڪڙي ان ماءُ جو هٿ پڪڙيو ۽ اها هن کي وٺي هلي رني.(21)

هڪ عورت حضورﷺ جن وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي اي الله جا رسولﷺ منهنجو هي پٽ آهي پنهنجي پيٽ ان جو برتن رهيو آهي منهنجي ڇاتي ان جي مشڪ رهي آهي ۽ منهنجي جهول ان جو پينگهو ان جي پيءُ مون کي طلاق ڏني ڇڏي ۽ هاڻي اهو هن کي به کسڻ چاهي ٿو. پاڻﷺ فرمايائون ته جيستائين تون نڪاح نه ڪرين ان جي پالنا جي وڌيڪ حقدار آهين.(22)

پاڻ سڳورنﷺ جن هڪ قاضيءَ جي حيثيت سان بينظير مثال ڇڏي آهي. جنهن کي اپنائڻ سان انساني معاشرو عدل جي بهترين معيار سان مستفيد ٿي سگهي ٿو.

**اللهم صلي علي محمد و آله و اصحابه اجمعين (آمين)**

# حواشی و حوالہ جات


1. ابو داؤد سلیمان بن اشعث السجستانی (م 0275) السنن مطبع السعادہ مصر 1950 حمص 1971
2. المائدہ ،15، 48
3. تفسیر ابن کثیر 68/2
4. المائدہ ،15
5. النساء 65
6. المائدہ ،15
7. الشوری 15
8. النساء 45
9. ابو داؤد باب فی القاضی یخطی 5/4
10. ابو داؤد کتاب الاجتہاد الرای فی القضا 18/4
11. ابو داؤد کتاب الامارت والخراج باب فی ارزاق العمال 303/3
12. مسلم کتاب الحدود باب قطع السارق الشریف وغیرہ 114/5
13. بخاری کتاب الحدود باب الکراہیۃ الشفاعۃ 16/8
14. بخاری کتاب المحاربین من اہل الکفر والردۃ بالا یرجم المجنون 21/7 22
15. اسان کامل ڈاکٹر خالد علوی الفیصل ناشران و تاجران کتب 2005ء اردو بازار لاہور
16. بخاری کتاب النکاح اذا زوج ابنتہ وہی کارہتہ 135/6
17. ابو داؤد کتاب النکاح فی البکر یزوجہا ابوہا ولا یستامرہا 313/4
18. بخاری کتاب الطلاق باب الخلع 17/6 41
19. ابو داؤد کتاب الطلاق باب من احق بالولد
20. مسلم کتاب الاقضیہ باب اجر الحاکم اذا اجتہد 131/5
21. ابو داؤد کتاب الطلاق باب اذا اسلم احد الابوین 679/2
22. ابو داؤد کتاب الطلاق باب ابی ابوین 158/7